# سمجهائڻ جو طريقو

سنڌي




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

**مُحَمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي**

دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

رسالي جو نالو: سمجهائڻ جو طريقو

ڇاپو پهريون: شعبان المعظم 1443ھ مارچ 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اگتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# سمجھائڻ جو طريقو

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

سمجهائڻ جو طريقو ................................ 1
درود شريف جي فضيلت ................................ 1
سمجهائڻ جا ڪجھ مؤثر طريقا ................................ 1
انمول دولت ................................ 4
گاريون ڏيڻ جا نُقصانات ................................ 6
پنهنجي اولاد کي دين سيکاريو! ................................ 8
صُلح ۾ ڀلائي آهي ................................ 10
فُضول سوالن جي عادين لاءِ پيغام ................................ 13
نمازي وڌائڻ جا نسخا ................................ 14
”مسجد ڀريو تحريڪ، مسجد ٺاهيو تحريڪ“ ................................ 18
وُضو خاني جا مدني گل ................................ 20
نماز جا ڪجھ ضروري مسائل ................................ 21
مُعْتَڪِفين وغيره لاءِ مسجد جي آدابن جي مُتعلق اهم مدني گُلَ .... 22

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# سمجهائڻ جو طريقو

ياربَّ الۡمُصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو ”**سمجهائڻ جو طريقو**“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي هر ڪم شريعت ۽ سنّت جي مطابق ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِیۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي ويجهو اهو هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي وڌيڪ دروڌِ پاڪ پڙهيا هوندا. (ترمذی، 2/27، حديث: 484)

## سمجهائڻ جا ڪجھ مؤثر طريقا

حضرت بي بي اُمِّ دَرداء رَضِیَ اللہ عَنۡھَا فرمائن ٿيون: ”جنهن پنهنجي ڀاءُ کي اڪيلي ۾ سمجهايو تہ هن ان کي سونهن بخشي ۽ جنهن ان کي اعلانيه ۽ ماڻهن جي سامهون سمجهايو تہ ان پنهنجي ڀاءُ کي عيب لڳايو“ (شعب الايمان،6/112،حديث:7641)

**اي عاشقانِ رسول!** سمجهائڻ بہ هڪ فَن آهي، الله ڪري اِهو(فن) اسان کي (بہ) اچي وڃي، جيڪڏهن شرعي لحاظ سان ڪنهن کي سمجهائڻ توهان تي ضروري هجي ۽ توهان ان جا اهل بہ هجو تہ وڏن کي احترام سان ۽ ننڍن کي شفقت سان سمجهايو. جيڪڏهن سخت مزاجيءَ يا دڙڪا ڏيئي ڪري سمجهائيندؤ تہ ٿئي سگهي ٿو سامهون وارو چپ تي وڃي پر دلي طور پنهنجي اصلاح ڪرڻ جي

لاءِ تيار نہ ٿيندو. ڪيئي ماڻهن جي سمجهائڻ جو انداز سخت هوندو آهي تنهنڪري سامهون وارو سمجهي ناهي سگهندو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهو هيراسجي ويندو آهي. خاص طور سوشل ميڊيا تي جهڙي سختي سان ماڻهو هڪٻئي کي سمجهائي رهيا هوندا آهن، ان سان سامهون واري جي اندر ضِد ئي پيدا ٿيندي هوندي، جيتوڻيڪ اهو غلطي تي هجي ۽ ان جو ضمير بہ تسليم ڪري رهيو هجي تہ مان غلطيءَ تي آهيان پر هو اهڙي مُصلِح (يعني اصلاح ڪرڻ واري) جي ڳالهہ ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندو ۽ سوچيندو تہ جيڪڏهن پنهنجي غلطي قبول ڪندُس تہ ٿي سگهي ٿو تہ سامهون وارو مون تي اجان وڌيڪ چڙهائي ڪري، تنهنڪري هو پاڻ کي درست ثابت ڪرڻ جي چڪر ۾ اُبتا سُبتا دلائل ڏيندو.

ياد رکو! اسان مان ڪير بہ ”شيطان پروف“ ناهي، ان ڪري سمجهائڻ جو انداز اهڙو هجي جو جنهن سان سامهون واري ۾ ضِد پيدا نہ ٿئي ۽ شيطان اصلاح کي اُن جي نظر ۾ بيعزتي بڻائي پيش نہ ڪري سگهي، مثلاً جيڪڏهن ان ۾ ڪا چڱي ڳالهہ آهي يا ان جي گُفتگو ۾ ڪا چڱي شيءِ آهي تہ پهريان ان حوالي سان جائز انداز ۾ ان جي ڪجهہ تعريف بيان ڪئي وڃي، پوءِ ان جي غلطي جي طرف اشارو ڪيو وڃي، پوءِ چيو وڃي تہ جيڪڏهن منهنجي غلط فهمي آهي تہ هٿ بڌي ڪري معافي گهران ٿو، هاڻي تہ سوشل ميڊيا جو دور آهي، واٽس ايپ جي ذريعي هٿ بڌل (يعني معافي گهرڻ وارو) اسٽيڪر بہ موڪليو وڃي، مطلب تہ اهڙو انداز بلڪل بہ نہ اختيار ڪيو وڃي جنهن سان سامهون واري ۾ ضِد پيدا ٿئي ۽ ان کي ڪاوڙ اچي. سمجهائڻ جي لاءِ حڪيماڻو، پيار، محبت ۽ نرمي وارو

انداز هجي ته جنهن کي سمجهايو ويو اهو سڌرڻ بابت سوچيندو آهي ۽ ان کي پنهنجي اصلاح جو ڪو نه ڪو پهلو ملي ئي ويندو آهي. ڪجهه ماڻهو اهڙا به هوندا آهن جو انهن کي جن جي اصلاح ڪرڻي هوندي آهي انهن جو نمبر انهن وٽ ناهي هوندو ته پوءِ اهي وڊيو يا آڊيو ناهي ڪري يا وري پوسٽ تيار ڪري سوشل ميڊيا تي هِن پيغام سان رکندا آهن ته اسان وٽ فلاڻي جو نمبر ناهي لهٰذا ان سان جنهن جو رابطو هجي اهو اسان جو هي پيغام ان تائين پهچائي، ائين نه ڪرڻ گهرجي، سامهون واري کي لکن ۾ رسوا ۽ بي عزتو ڪري توهان چئي رهيا آهيو ته ان کي چئي ڇڏجو ته ائين نه ڪري، ان جيڪڏهن پنهنجي اصلاح ڪري به ورتي ته لکين ماڻهن کي ڪير ٻڌائڻ ويندو ته ان جي اصلاح ٿي وئي آهي، اِهو به ٿئي سگهي ٿو ته اوهان کي غلط فهمي ٿئي هجي، سامهون واري وٽ توهان جي ڳالهه جو جواب به ٿي سگهي ٿو، پوءِ توهان تي لازم به ته ناهي جو لکين ماڻهن کي ان جو پيغام پهچائي توهان چئو ته سُڌري وڃو! هِن طرح جي انداز سان سامهون واري جي رسوائي ٿيندي آهي، ان جي دل ۾ ڪينو پيدا ٿئي سگهي ٿو، جيڪڏهن ان پنهنجي غلطي جي اصلاح ڪري به ورتي تڏهن به شايد هُو توهان سان بدظن ئي ٿئي وڃي.

پاڻ کان (عمر يا منصب ۾) وڏو جيڪڏهن ناجائز ڪم يا ڪلام ڪري رهيو آهي ۽ توهان کي خبر آهي ته هيءَ ڳالهه فلاڻي ڪتاب ۾ هِن طرح لکيل آهي ۽ توهان کي ظنِّ غالِب آهي مان سمجهائيندس ته هو مڃي ويندو ته هاڻي سمجهائڻ واجب آهي، ۽ انداز هِن طرح به اپنائي سگهجي ٿو ته ڪتاب کولي ان کي ڏيکاريو وڃي ۽ پيار

محبت سان هيئن چيو وڃي ته تورو مون کي سمجهايو ته هي ڇا لکيل آهي؟ جيڪڏهن هو سمجهدار هوندو ته پاڻهي سمجهي ويندو. بهرحال غلطي نندو به ٻڌائي پر هجي غلطي، ته وڏن کي به وڏي دل رکي ڪري مڃڻ گهرجي ڇوته انهيءَ ۾ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي آهي. الله پاڪ اسان کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح ڪرڻ جو جذبو عطا فرمائي. اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(ماہنامہ فيضان مدينہ، جون 2021ء)

## انمول دولت

الله جي آخري نبي، محمدِ عَربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن شخص ۾ ٽي ڳالهيون هونديون اهو ايمان جي حَلاوَت (يعني مٺاڻ) ماڻي وٺندو: (1) سڀ کان وڌيڪ الله ۽ ان جي رسول سان محبت ڪندو هجي (2) الله ڪريم جي لاءِ ڪنهن سان محبت ڪري (3) جهڙي طرح باهه ۾ وڃهو وڃڻ کي برو ڄاڻي تو انهيءَ طرح ڪُفر ڏي موٽڻ کي برو سمجهي. (بخاری، 17/1، حديث:16) حضرت ابو دَرداء رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائيندا هئا: الله پاڪ جو قسم! جنهن کي پنهنجي بري خاتمي جو خوف ناهي تيندو ان جو خاتمو برو تيندو آهي. (قوت القلوب،228/2) ڪاش! اسان سيني کي ايمان جي سلامتي جي حقيقي سوچ نصيب ٿي وڃي، اي ڪاش! هروقت بري خاتمي جي خوف سان دل گهبرائيندي رهي، ڏينهن ۾ ڪيئي ڀيرا توبهه ۽ اِستِغفار جو سلسلو رهي. الله پاڪ جي ڪرم واري دربار مان ايمان جي حفاظت جي خيرات گهرڻ جي صدا جاري رهي جهڙي طرح دُنيَاوِي دولت جي حفاظت جي معاملي ۾ غَفْلَتَ ان جي ضايع ٿيڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي انهيءَ طرح بلڪ هِن کان به وڌيڪ نازڪ معاملو

ايمان جو آهي. منهنجي آقا اعلٰي حضرت، اِمامِ اهلسنّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ارشاد آهي: علماءِ کِرام فرمائن ٿا: جنهن کي سَلبِ ايمان (يعني ايمان گسجڻ) جو خوف نہ هجي مرڻ وقت ان جو ايمان سَلب (يعني ضايع ) ٿيڻ جو خطرو آهي. (ملفوظات اعلٰي حضرت، ص 495)

اي عاشقان رسول! دولت جي حفاظت جو جيترو فِڪر هوندو آهي ان کان وڌيڪ ايمان جي حفاظت جو فِڪر ڪرڻ لازمي آهي ڇوتہ ايمان انمول دولت آهي. جيڪڏهن نَعُوْذُبِالله نَعُوْذُ بِالله نَعُوْذُ بِالله خاتمو ڪفر تي ٿي ويو تہ هميشہ هميشہ جي لاءِ جهنّم ۾ رهڻو پوندو توڙي جو ڪيتريون ئي نمازون پڙهيون هجن، تهجد گذار، صدقو ۽ خيرات ڪرڻ وارو هجي، جيڪڏهن خاتمو ايمان تي نہ ٿيو تہ پوءِ ڪجھ بہ ڪم نہ ايندو، حديثِ مبارڪ ۾ آهي: اِنَّمَاالْاَعْمَالُ بِالْخَوَاتِيْم يعني اعمال جو دارو مدار خاتمي تي آهي. (بخارى،274/4، حديث:6607) هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان شارحين فرمائن ٿا تہ هميشہ جي سعادَتمَندي ۽ بدبَختي جو بنياد موت جي وقت انسان جي آخري عمل تي رکيو ويو آهي، ڇوتہ موت جي وقت عذاب جي ملائڪن کي ڏسڻ کان پهريان ٻانهو ايمان آڻي تہ الله پاڪ ان جي ڪُفرَ ۽ ڪُفريہ اعمال کي مِٽائي ڇڏيندو آهي انهيءَ طرح ڪنهن مسلمان جو آخري عمل ڪفر تي هجي تہ ان جا اعمال برباد ڪري ڇڏيندو آهي.

(عمدة القارى، 565/15، شرح البخارى لابن بطال، 306/10ملخصاً)

اي عاشقان رسول! هِن وقت حالات وڏا نازڪ آهن طرح طرح جا فتنا هر روز سامهون اچي رهيا آهن. بري خاتمي جو خوف ۽ ايمان جي حفاظت جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ سني ماحول ۽ چڱي صحبت کي اپنايو، علماءِ اهلسنّت خاص طور اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان

رَحْمَةُاللہِ عَلَيْه جا ڪتاب پڙهڻ پنهنجو معمول بڻايو.[1]

خدایا بُرے خاتِمے سے بچانا    پڑھوں کلمہ جب نکلے دَم یاالٰہی

(ماہنامہ فيضانِ مدينہ محرم الحرام 1441)

## گاريون ڏيڻ جا نُقصانات

چون ٿا ته هڪ لوهار جي بند دڪان ۾ هڪ نانگ گهري ويو، ان جو جسم اُتي پيل هڪ آري سان ٽڪرائجي ٿورو زخمي ٿي پيو، ان نانگ پنيان مڙي سجي طاقت سان آريءَ کي ڏنگيو جنهن سبب ان جو وات به زخمي ٿي پيو، ان ڪاوڙ ۾ اچي ڪري پاڻ کي آريءَ جي چوڌاري ويڙهي ڇڏيو ۽ پنهنجو دشمن سمجهي ڪري ان کي چيپاڻ لڳو، جنهن جي ڪري هو پاڻ ئي (رتورت ٿئي) مري ويو.

اي عاشقان رسول! هن احمق نانگ جِيان چيڙاڪ (يعني ڪاوڙ وارا) ماڻهو به احمقاڻا انداز اپنائيندا، ٻين کي تڪليف ڏيندا ۽ نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ٿوري ٿوري ڳالھ تي گارگند ڪري رهيا هوندا آهن، ڪيئي ماڻهو ته ايتري قدر گارين جي عادت ۾ مبتلا هوندا آهن جو هر شيءِ مثلاً گڏھ، گهوڙي، ٻڪر، وغيره جانورن کي به گاريون ڏئي رهيا هوندا آهن، پٿ سان ٽڪرائجي ته ان کي گار، دروازو نه کُلي ته ان کي گار، گاڏي اسٽارٽ نه ٿئي ته ان کي گار، ڪال نه لڳي ته نيٽ ورڪ کي گار، مطلب ته هر شيءِ کي پنهنجي گارين جو نشانو بڻائي رهيا هوندا آهن. ڳالھ ڳالھ تي ڪاوڙ

[1] هي مضمون 24 رمضانُ المبارڪ 1441 ھ جي مدني مذاڪري جي مدد سان تيار ڪري امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي چيڪ ڪرائڻ کان بعد پيش ڪيو ويو آهي. (ماهنامه جي آخر ۾ هيءَ عبارت ناهي)

۾ اچي گاريون ڏيڻ وارو شخص ان بيوقوف نانگ جِيان عزت جي حوالي سان پنهنجي موت پاڻ ئي مري ويندو آهي.

ياد رکو کنهن مسلمان کي گار ڏيڻ، ان جي بي عزتي ڪرڻ گناهه جو ڪم آهي. (1) الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: وياج 70 گناهن جو مجموعو آهي ۽ ان ۾ سڀ کان گهٽ هي آهي ته ڪو شخص پنهنجي ماءُ سان بدڪاري ڪري ۽ وياج کان وڏيڪ گناهه مسلمان جي بي عزتي ڪرڻ آهي. (موسوعة ابن ابی الدنيا، 124/7، حديث:173) (2) گاريون ڏيڻ وارو شخص جيڪڏهن سيٺ آهي ته ان جا ملازم، مڙس آهي ته ان جي زال، استاد آهي ته ان جا شاگردَ ان کان بيزار رهندا آهن، جيڪڏهن عزت بہ ڪندا آهن ته صرف پنهنجي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ يا وري ان جي شرَ کان بچڻ جي لاءِ ۽ جنهن جي عزت ان جي شرَ کان بچڻ جي لاءِ ڪئي وڃي حديثِ پاڪ ۾ ان کي بدترين شخص چيو ويو آهي. (ڏسو بخاری، 134/4، حديث:6131) (3) گاريون ڏيڻ وارو شخص تمام گهڻو برو هوندو آهي جيئن ته حديث شريف ۾ آهي ته ”سَبَابُ الْمُسْلِمِ فُسُوقٌ“يعني ڪنهن مسلمان کي گار گند ڏيڻ فِسق آهي. (مشكاة المصابيح، 190/2، حديث:4814)

(4) جهيڙي جي دوران گار ڏيڻ جي عادت کي منافقت جي نشانين مان هڪ نشاني چيو ويو آهي. (ڏسو بخاری، 25/1، حديث:34) تنهنڪري گاريون ڏيڻ وارو هڪ طريقي سان پاڻ کي منافقن جي لِسٽ ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوندو آهي.

ياد رکو! مسلمان کي گار ڏيڻ ۽ انهن جي دل ڏُکائڻ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، اج ئي سچي توبهه ڪرڻ سان گڏوگڏ هر ان مسلمان کان معافي گهري وٺو جنهن کي گار ڏني آهي

يا اجائي دل ڏکائي آهي، تہ جيئن دنيا ۽ آخرت جي رسوائي کان بچي سگهو. اللہ ڪري اسان کي پنهنجي زبان جو سنو استعمال ڪرڻ ۽ گار گند کان بچائي رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.(1)

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (ماہنامہ فيضان مدينہ، جمادی الاولیٰ 1442)[1]

## پنهنجي اولاد کي دين سيکاريو!

اڄڪلهہ اڪثر مسلمان پنهنجي اولاد کي صرف ۽ صرف دنياوي تعليم ڏياريندا ۽ انهي جي لاءِ خوب ڪوشش ڪندي نظر ايندا آهن، انهن کي مهانگن مهانگن اسڪولن ۾ پڙهائيندا ۽ هزارين رپين جي ٽيوشن ڪلاسز جو انهن جي لاءِ اهتمام ڪندا آهن. ان جي ابتڙ سندن پنهنجي اولاد کي ديني تعليم ۽ تربيت جي معاملي ۾ غفلت جو معاملو اهو هوندو آهي جو اڪثريت کي ڏسي ڪري بہ قُرآنِ ڪريم دُرست پڙهڻ ناهي ايندو. ايسيتائين جو مون ڪيئي اهڙا ماڻهو بہ ڏٺا آهن جن جا پار انگلش تہ سٺي ڳالهائي رهيا هوندا آهن پر انهن کي صحيح ڪلمو پڙهڻ ناهي ايندو. ائين ئي عام طور انهن کي عقائد جو علم ناهي هوندو جن تي مسلمان جي دين ۽ ايمان ۽ آخرت جي نجات جو دارومدار آهي، دنياوي تعليم جون اعليٰ ترين ڊگريون حاصل ڪرڻ جي باوجود انهن کي نماز، روزو، حج ۽ زڪواة وغيره فرض عبادتن بابت بنيادي ۽ ضروري ڳالهين جو ڪو علم ناهي هوندو، وُضو ۽ غُسل جو صحيح طريقو، نماز جا

[1] هي مضمون 13 ذوالقعدة الحرام 1441 ھ جي مدني مذاڪري جي مدد سان تيار ڪري امير اهلسنّت کان وڏيڪ مشورو وٺي پيش ڪيو پيو وڃي.

ارڪان يا نمازِ جنازه جون دعائون تہ شايد ئي ٻڌائي سگهن، عام طور دين نہ سکڻ ۽ صرف دُنيَاوي تعليم حاصل ڪرڻ وارو اولاد اڄڪلهہ پنهنجي والدين کي گهڻو ستائيندو ۽ انهن جي اَرمانن جو گلو دٻائيندي نظر ايندو آهي، پنهنجي پوڙهن والدين کي اولڊ هاؤس پهچائڻ وارو اولاد بہ اڪثر دنياوي تعليم يافته ئي هوندو آهي، دينِ اسلام کان مَعاذَ الله بيزار ۽ ان جي بنيادي احڪامن تي طرح طرح جا اعتراض ڪرڻ وارا ماڻهو بہ صرف دنياوي علوم ۽ فنون ۾ مهارت رکڻ وارا ئي نظر ايندا آهن. هن وقت تائين جيتريون بہ خودڪشيون ٿيون آهن اميد آهي تہ انهن مان ڪو هڪ بہ علمِ دين جو عالم نہ ملندو ۽ الله پاڪ چاهيو تہ آئنده بہ اهڙن مبارڪ افراد جي باري ۾ توهان ائين نہ ٻڌندؤ، البت هاڻي تائين خودڪشي ڪرڻ وارن ۾ هڪ وڏو تعداد دنياوي تعليم حاصل ڪيل ماڻهن جو سامهون آيو آهي. اسان جي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي تہ پنهنجي اولاد کي دين ضرور سيکاريون، جيڪڏهن دنياوي تعليم ڏيارڻي بہ آهي تہ ضروري ديني علم سيکارڻ کان بعد ۾(اها) بہ سنين سنين نيتن سان ۽ شريعت جي ٻڌايلن اصولن تي عمل ڪندي انهن کي دنياوي تعليم ڏياريو.

ياد رکو! قيامت جي ڏينهن جهڙيءَ طرح ٻين نعمتن جي بابت سُوال ٿيندو ائين ئي اولاد بہ هڪ نعمت آهي انهن جي باري ۾ بہ اسان کان سوال ٿيندو. پنهنجي اولاد جي دُرست اسلامي تربيت ڪري دنيا ۾ ئي ان سوال جو جواب تيار ڪري وٺو. حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُما جن هڪ شخص کي فرمايو: ”پنهنجي ٻار جي سٺي تربيت ڪيو ڇوتہ توکان تنهنجي اولاد جي باري ۾ پڇو ويندو

تہ اوهان ان جي ڪهڙي تربيت ڪئي ۽ اوهان ان کي ڇا سيکاريو.“ (شعب الايمان،400/6،حديث:8662) لهٰذا پنهنجي اولاد کي اهو ڪجهہ سيکاريو جنهن سان قيامت جي ڏينهن توهان کي رسوائيءَ جو منهن نہ ڏسڻو پئجي. الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”ڪنهن پيءُ پنهنجي ٻار کي اهڙو اِنعام ناهي ڏنو جيڪو چڱي ادب کان بهتر هجي. (ترمذی،383/3، حديث: 1959) حڪيم الأمّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”سني اَدب مان مراد ٻار کي ديندار، مُتّقي، پرهيزگار بڻائڻ آهي. اولاد جي لاءِ هن کان پلو اِنعام ڇا ٿو ٿي سگهي جو هيءَ شيءِ دين ۽ دنيا ۾ ڪم ايندي آهي. ماءُ پيءُ کي گهرجي تہ اولاد کي صرف مالدار بڻائي ڪري دنيا مان نہ وڃن بلڪ انهن کي ديندار بڻائي ڪري وڃن جيڪو پاڻ انهن کي بہ قبر ۾ ڪم اچي ڇو تہ زنده اولاد جي نيڪين جو ثواب مُئلن کي قبر ۾ ملندو آهي.“ (مراة المناجيح،420/6)

الله ڪريم سنين سنين نيتن سان اسان کي پنهنجي اولاد کي دين سيکارڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(ماہنامہ فيضانِ مدينہ ذی الحجۃ الحرام 1441)

## صُلح ۾ ڀلائي آهي

رَمضانُ المُبارَڪ 1441 ھ جي 25 هين رات نمازِ تراويح کان بعد ٿيڻ واري مدني مذاڪري ۾ هڪ سُوال ڪيو ويو تہ اسان جي والِد صاحب جو اسان جي چاچي ۽ ٻين رشتيدارن سان جهيڙو آهي تہ هن صورت ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڇا اسان بہ انهن رشتيدارن سان تعلق ٽوڙي ڇڏيون يا اسان کي پنهنجي رشتيدارن جي مطابق

انهن سان ٻٽائي رکڻ گهرجي؟

شيخِ طريقت، امير اهلسنّت ارشاد فرمايو: والدين جي جهيڙي ۾ اولاد کي نہ پوڻ گهرجي، چاچي سان پائٽي کي صِلہٴ رَحمي تہ ڪرڻي ئي پوندي، رشتيداري ٽوڙڻ حرام آهي، جيڪڏهن ٻئي پاڻ پاڻ ۾ ناراض آهن ۽ ان ڪري پُٽ چاچي سان نٽو ملي تہ ائين نہ هئڻ گهرجي، جهيڙو چاهي والد صاحب جو پنهنجي ڀاءُ سان هجي يا والده جو پنهنجي ڀيڻ سان، اولاد پنهنجي والدين جي جهيڙي جي ڪري صِلہٴ رحمي ڪرڻ سان پاڻ کي محروم نہ ڪري، پڻ ڀاءُ ڀيڻ کي، ڀاءُ ڀاءُ کي، ڀيڻ ڀيڻ کي پاڻ ۾ ناراضگيون نہ رکڻ گهرجن بلڪ همت ڪري ڪجھ اڳتي وڌي ڪري ميل جول رکڻ گهرجي.

**حڪايت:** اسان جي وڏن جو پاڻ ۾ ڪجھ مسئلا ٿيا هوندا جنهن ڪري منهنجي (يعني امير اهلسنت جي) ماسي وٽ اسان جو اچڻ وڃڻ بند هو ۽ نہ وري هوءَ (اسان وٽ) ايندي هئي. کارادر ۾ شهيد مسجد وٽ ماسيءَ جو گهر هو ۽ مان بہ انهيءَ مسجد ۾ امامت ڪندو هئس. الله جي ڪرم سان مون کي توفيق ملي وئي ۽ مان همت ڪري ماسيءَ جي گهر هليو ويس (منهنجو تہ هونئن بہ انهن سان ڪو جهيڙو نہ هو)، مون کي ڏسي اهي حيران ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا: توهان؟ مون چيو: ”ها! مان صُلح ڪرڻ آيو آهيان معاف ڪري ڇڏيو! ماسڙَ سان مليُس تہ انهن چيو توهان ايڏا وڏا ماڻهو ٿي ويا آهيو ۽ اسان سان پاڻ ملڻ آيا آهيو! (هي انهن ڏينهن جي ڳالھ آهي جڏهن دعوت اسلامي کي ٺهئي ٿورو عرصو ٿيو هو پر دعوتِ اسلامي جي ڪري منهنجو نالو ٿي ويو هو)، ائين انهن سان صُلح ڪري مان گهر آيُس ۽ پنهنجي ڀيڻ وغيره کي سمجهائي ڪري چيومانس رستو آسان

ڪري آيو آهيان لھٰذا توھان ماسيءَ ڏي ھليا وڃو ۽ اَلْحَمْدُ لله اھي ٻہ انھن ڏانھن ھليا ويا ۽ الله پاڪ جي ڪرم سان ماسيءَ وٽ اسان جي اچڻ وڃڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو.

لھٰذا جن جون ٻہ پاڻ ۾ ناراضگيون آھن انھن مان ڪابہ ھڪ ڏُر ھمت ڪري تہ ترڪيب ٻڌجي سگھي ٿي، البت جيڪڏھن پراڻيون ڳالھيون ياد ڏياريندؤ تہ ”توھان ھي ھي چيو ھو، ھيئن ھيئن چيو ھو، مان وري بہ ھلي آيو آھيان“ تہ ٺئي سگھي ٿو تہ اھي چَوَن دروازو اجان تائين اسان بند ناھي (ڪيو) تون نڪري وڃ، تون آيو ئي ڇو آھين؟ تنھنڪري جيڪو صُلح ڪرڻ وڃي ان جي اندر نرمي ھئڻ گھرجي ڇو جو دروازي جي چُڪانھ ڪجھ ھيٺ ھوندي آھي، جيڪڏھن جھڪي ڪري ويندؤ داخلا ملي ويندي، آڪڙجي ويندؤ تہ متو ٽڪرائجندو ۽ صُلح ڪونہ ٿيندي.

بَھرحال جيڪو عاجزي ڪندو، جھڪندو اھوئي ڪامياب ٿيندو. الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰہِ رَفَعَهُ الله“ يعني جنھن الله جي رِضا جي لاءِ عاجزي ڪئي الله پاڪ ان کي بنلدي عطا فرمائيندو آھي. (شعب الايمان،276/6، حديث:8140)

لھٰذا سيني کي صُلح ڪرڻ گھرجي، ھِن Topic جي حوالي سان مَڪتبةُ الْمدينہ جو بھترين رسالو ”ہاتھوں ہاتھ پھوپھی سے صلح کرلی“ ھِيءُ رسالو پڙھو الله پاڪ چاھيو تہ توھان جو ذھن ٻڌجي ويندو تہ جھيڙو نہ صُلح ھئڻ گھرجي.

الله ڪريم اسان کي پاڻ ۾ صُلح سان رھڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(ماہنامہ فيضانِ مدينہ محرم الحرام 1442)

## فُضول سوالن جي عادين لاءِ پيغام

اَلْحمد لله مان عادت طور بنا ضرورت جي ڪنهن سان اِهو ناهيان پڇندو تہ توهان جا ٻارَ گهٽا آهن؟ توهان ڇا ڪندا آهيو؟ توهان جي آمدني ڪيتري آهي؟ وغيره. ڪڏهن ڪڏهن سامهون وارو اهڙن سوالن کي پسند بہ ناهي ڪندو، ڇوتہ جيڪڏهن ٻگهارَ گهٽ هوندي تہ ٻڌائڻ ۾ شرم ايندو ۽ جيڪڏهن ٻڌائي بہ ڇڏيائين تہ ٿي سگهي ٿو پڇڻ وارو چئي تہ بس صرف ايتري ٻگهارَ! توهان جي تہ هيتري گهٽي تعليم ۽ ايڏو وڏو تجربو آهي وغيره وغيره، ۽ جيڪڏهن ان جي ٻگهارَ گهٽي هجي ۽ ٿئي سگهي ٿو تہ نظر لڳڻ جي خوف سبب ٻڌائيندي هَٻڪائي (يقيناً نظر لڳڻ حق آهي حديثن مان ثابت آهي). ڪجھ ماڻهو فُضول پٽن ڌيئرن جو تعداد، انهن جي عمر، مڱڻين ۽ شادين وغيره جي متعلق فُضول سُوالَ ڪري ٻين کي (BORE) ڪندا آهن جيڪڏهن ڪنهن جي غيرشادي شده پٽ يا ڌيءُ جو معلوم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن تہ وڌيڪ پڇندا: ڪهڙو مسئلو آهي؟ ان جي شادي ڇو نٿا ڪرايو؟ هاڻي تہ گهٽي عمر ٿي وئي آهي، ان جو ڪجھ ڪيو. ڪنهن جي شاديءَ کي جيڪڏهن ڪجھ مهينا گذري چڪا هجن تہ پڇندا تہ ”خوشخبري“ آهي يا نہ ؟ هِن طرح جي ڳالهين ۾ عورتون بہ ڪنهن کان پوئتي ناهن رهنديون. الله ڪريم انهن کي بہ عقلِ سليم عطا فرمائي. ڪنهن ڌيءُ جي شادي ڪرائي تہ سُوال ٿيندو: ڏاجُ گهڻو ڏنو؟ ڇاڇا ڏنو ۽ سون (GOLD) ڪيترو ڏنو؟ ڪنهن جي گهر ويندا تہ بغير گهرڻ جي مشورو ڏيندي ارشاد ٿيندو: هيءُ شيءِ توهان کي هِتي رکڻ بدران هُتي رکڻ گهرجي ها، ائين ئي دروازن ۽ ڪڙڪين جي باري ۾ چوندا تہ هي جيڪڏهن هيئن ڪريو

ها تہ بهتر ٿئي ها ڪڏهن ڪڏهن تہ ميزبان ڪي دل ڏکائيندڙ ڳالهيون بہ چيون ويندِيون هونديون، مثلاً اوهان جي گهر ۾ صفائي جو خيال رکڻ جي ضرورت آهي. اهڙيءَ طرح ڪارپيٽ، پٽيون ۽ واش روم وغيره جون خاميون بہ بيان ڪندا هوندا.

جيڪو فُضول سوالن ڪان بچندو رهي ٿو، اُميد آهي تہ اهو ٽينشن فري رهڻ سان گڏو گڏ ٻين جي دل ڏکائڻ ۽ ان ڪي ڪوڙ جي گناهہ ۾ ڦاسائڻ جي آفتن ڪان بہ بچيل رهي ٿو. الله ڪريم اسان سڀني ڪي فضول ڳالهين، فضول سوالن ۽ ٻين فُضول ڪمن ڪان بچڻ ۽ ٻين ڪي بچائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(ماہنامہ فيضان مدينہ ،جمادی الثانی 1440)

## نمازي وڌائڻ جا نسخا

گناهن جو سيلاب وڌي رهيو آهي. ماڻهو گناهن جي جڳهن جي ويجهو ۽ علمِ دين سيکارڻ وارن مَقامن ۽ مسجدن ڪان پري ٿيندا پيا وڃن، پهريان مسجد ڪچي (يعني مٽيءَ جي پٽين واري) بہ هوندي هئي تڏهن بہ نمازي عام طور پڪا هوندا هئا ۽ هاڻي اهو دور آهي جو مسجدون تہ سيمنٽ، لوهي سيخن ۽ ماربل وغيره سان پڪيون نهيل هونديون آهن پر نمازي ڪچا نظر اچن ٿا، پر جنهن کي الله بچائي. هِن پُرفِتن دور ۾ ڪيئي مسلمان تہ هونئن ئي مسجدن ۾ نماز جي لاءِ نٿا اچن ۽ جيڪي اچن ٿا انهن کي مسجدن ۾ ضرورتون ۽ سهولتون (Facilities) عام طور تمام گهٽ يا غير معياري ملن ٿيون جنهن سبب نفس ۽ شيطان انهن کي مسجد مان آساني سان ڀڄائيندو آهي. لهٰذا مسجدن جي خدمت جي سعادت ماڻڻ

وارن عاشقانِ رسول کي گذارش آھي تہ مولا ڪريم توھان جي ڪوشش کي قبول فرمائي، نمازين کي وڌيڪ آسانيون فراھم ڪيو، اِن شاء الله نمازي وڌندا ۽ باجماعت نماز جا پابند بڻبا، ائين توھان جي لاءِ ثواب جاريہ ۾ اضافو ٿي ويندو. نمازي وڌائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي دارُالاِفتاء کان شرعي رھنمائي وٺڻ کان بعد ۾ ئي ھِنن نسخن تي عمل ڪيو وڃي.۞ دنيا جي موسم عجيب و غريب طريقي سان تبديل ٿي رھي آھي جنھن کي گلوبل وارمنگ (Global warming) چيو وڃي پيو، جھڙي گرمي ھاڻي پئجي رھي آھي پھريان نہ ٿيندي ھئي، تنھنڪري جنھن وٽ ممڪن ھجي اھي پنھنجي مسجد ۾ ”اي سي“ لڳرائن ۞ ٿڌي موسم ۾ فرش تي اھڙي ٿلھي فراسي يا ڪجھ سنھو ڪارپيٽ وڇايو جنھن تي سجدي ۾ پيشاني آسانيءَ سان جمي سگھي۞ وضو خاني جي ٽوٽين وغيره کي درست رکو، ھٿ ڌوئڻ جي لاءِ صابڻ وغيره جو بہ اھتمام ڪيو ۞ وضو خاني ۾ ڪاري جي بدران ”منو پاڻي“ ھجي ۞ مسجدن جي اِستِنجاء خانن (Toilets) کي بناوت ۽ صفائي جي لحاظ سان بھتر ڪرايو وڃي ۽ جتي نمازين جي اچ وڃ گھڻي ھجي اتي ”استنجا خانن جي صفائي“ جي لاءِ خاص طور ڪنھن شخص کي مقرّر ڪيو وڃي جيڪو ماڻھن جي رش ختم ٿيڻ کان پوءِ صفائي سترائي ڪندو رھي. ۞ ڪيئي ماڻھو ڊبليو سي جي ذريعي استنجاء ناھن ڪري سگھندا بلڪ انھن کي ”ڪموڊ“ جي حاجت ھوندي آھي، لِھٰذا ضرورت مطابق ھر مسجد ۾ گھٽ ۾ گھٽ ھڪ ويڪرو ۽ وڏي سائز جو ڪموڊ ھئڻ گھرجي، ان جو سوراخ بہ پوئين پاسي ھجي، ۽ دروازي جي ٻاھران ان جي نشاني بہ ٺھيل ھجي، تالو لڳائڻ بدران

ان کي ڪليل رکو. ۞ ٻڌو آهي ته ٻاهرين ملڪن ۾ ”مسجدن جي ٻاهران نمازين جي ويهڻ لاءِ هڪ خاص جڳهه“ نهيل هوندي ۽ ڪرسيون (Chairs) رکيل هونديون آهن، جتي عام طور وڏي عمر جا نمازي حضرات (جن جي لاءِ بار بار گهر اچڻ وڃڻ مشڪل هوندو آهي، اهي) عصر ۽ مغرب کان بعد ويهي اڳينءَ نماز جو انتظار ڪندا آهن، بلڪ ڪٿي ته ”فريج“ جو به انتظام هوندو آهي، ان ۾ نمازين جي لاءِ پاڻي وغيره رکيل هوندو آهي، اهو سنو طريقو آهي جتي ممڪن هجي ڪنهن عاشقِ رسول مفتي صاحب کان اجازت وٺي ڪري ان کي به اپنايو وڃي. ۞ خاص طور سردين ۾ عشاء جي نماز کان بعد نمازين جي لاءِ ”چانهه“ جو انتظام ڪري سگهجي ٿو پر ان جي لاءِ الگ سان چندو ڪيو وڃي ۞ ڪجهه مسجدن ۾ شرعي طور معذور نمازين جي لاءِ ڪرسين جو اهتمام هوندو آهي پر ڪيئي ماڻهو انهن ڪرسين تي ويهي ناهن سگهندا، ڪڏهن ڪڏهن ڪرسيءَ جي سختي ويهڻ واري کي ڏاڍو پريشان ڪندي آهي، جنهن سان خاص طور وڏي عمر جا نمازي آزمائش جو شڪار ٿيندا آهن، لِهٰذا سَسّتي ۽ غيرمعياري ڪرسين جي بدران ”سنڌي گدين واريون ڪرسيون“ رکيون وڃن ۞ جتي جتي دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريا اجتماعَ ٿيندا هجن اتي ڪجهه وڌيڪ تعداد ۾ ”چڱيون ڪرسيون“ رکيون وڃن پر جيڪو هيٺ ويهي سگهندو هجي ان کي هيٺ ئي ويهڻ گهرجي ڳوٺن وغيره ۾ جتي جتي دعوتِ اسلاميءَ جا قافلا سفر ڪندا آهن جيڪڏهن اتي واش روم يا وضو خاني جو مناسب بندوبست نه هجي ته ممڪن صُورت ۾ قافلي وارا اسلامي ڀائرَ پاڻ ۾ رقم گڏ ڪري اهو ڪم ڪرائين، ائين ڪرڻ سان اُتان

جي نمازين سان گڏوگڏ پيهر ايندڙ قافلي وارن لاءِ بہ آساني ٿي ويندي (مشورو: جڏهن بہ وضو خانو ٺهرائڻو هجي تہ ان کي بهتر انداز ۾ ٺائڻ جي لاءِ مَكتبةُ الْمَدِينہ جي رسالي ” وضوءَ جو طريقو“ جي بيڪ ٽائٽل تي ان جو نقشو ڏسي وٺو) ۞ ياد رکو! سهولتن ڏيڻ جي ذريعي جيڪڏهن ڪو نمازي بڻجي ٿو تہ نقصان وارو سودو ناهي بلڪ آخرت ۾ نَفعو ئي نفعو(ڏيندڙ) آهي

۞ اسلامي ڀينرن جا جتي جتي اجتماع ۽ رهائشي ڪورس ٿيندا آهن اُتي بہ موقعي جي مناسبت سان مُشاورت (Counselling) سان ”مذڪوره سهولتون“ ڏنيون وڃن. الله ڪري تہ اسان جو ٻچو ٻچو الله پاڪ جو نالو وٺڻ وارو بڻجي وڃي، اسان جون مسجدون آباد ٿي وڃن، مسلمان نمازي بڻجي وڃن ۽ سنتن تي عمل کي پنهنجو معمول بڻائن.[1]

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**نوٽ:** اهلسنت جي مُفتيانِ ڪرام کان بغير رهنمائي جي مسجدن ۾ ڪنهن قسم جي ڀڃ ڊاهہ يا اضافي خرچ نہ ڪيو وڃي. دعوتِ اسلامي جي تحت هلندڙ دارُالاِفتاء اهلسنت کان شرعي رهنمائي جي لاءِ هِن نمبر تي رابطو ڪيو: 03117864100 ـ 03113993312ـ03113993313(صبح10:00کان شام 4:00،موڪل: آچر)

(ماہنامہ فیضانِ مدینہ ربیع الثانی 1441)

1 هي مضمون 8 محرم الحرام 1441 ھ جي مدني مذاڪري جي مدد سان تيار ڪري امير اهلسنّت کان چيڪ ڪرائڻ کان بعد پيش ڪيو پيو وڃي.

## ”مسجد ڀريو تحريڪ، مسجد ڀاڻيو تحريڪ“

مسجدون آباد ڪرڻ جي فضيلت تي مشتمل ٽي فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) بيشڪ الله پاڪ جي گهرن کي آباد ڪرڻ وارا ئي الله پاڪ وارا آهن. (معجم اوسط، 58/2، حديث:2502) (2) جيڪو مسجد سان محبت ڪندو آهي الله پاڪ ان کي پنهنجو محبوب (يعني پيارو) بڻائي وٺندو آهي. (معجم اوسط،400/4،حديث:6383) (3) جڏهن ڪو ٻانهو ذِڪر يا نماز جي لاءِ مسجد کي ٺڪاڻو بڻائيندو آهي ته الله پاڪ ان جي طرف رحمت جي نظر فرمائيندو آهي، جيئن جڏهن ڪو گُم ٿيل ايندو آهي ته ان جا گهر وارا ان سان خوش ٿيندا آهن. (ابن ماجه، 438/1، حديث:800)

اَلْحَمدُلله! عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، ”دعوتِ اسلامي“ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ مسجدون آباد ڪرڻ جو پڻ عَزم رکي ٿي، انهيءَ مقصد لاءِ انفرادي ۽ اجتماعي ڪوششن جي ذريعي عاشقانِ رسول کي نمازِ باجماعت جي لاءِ مسجدن جو رُخ ڪرڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. مختلف مسجدن ۾ بعد نمازِ فجر مدني حلقو ۽ ڪنهن نماز کان بعد درس فيضانِ سنت جي ترڪيب ٿيندي آهي، ان کان علاوه هفتيوار سنتن ڀريا اجتماع ۾ مختلف موقعن تي ٿيڻ وارا تربيتي اجتماعَ به مسجدن ۾ ٿيندا آهن، مدني مذاڪرو به مسجد (يعني عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه) ۾ ٿيندو آهي، سنتن جي تربيت جي لاءِ سڄي دنيا ۾ سفر ڪرڻ وارا عاشقانِ رسول جا مدني قافلا به عام طور مسجدن ۾ ئي ترسندا آهن، جيڪو مسجدن کي آباد ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي.

اسان جي پياري آقا مڪّي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مسجدون نهرائڻ جي ترغيب ڏيندي ارشاد فرمايو: (1) جيڪو اللّٰه پاڪ جي رِضا جي لاءِ مسجد نهرائيندو اللّٰه پاڪ ان جي لاءِ جنّت ۾ گهر ٺاهيندو. (مسلم، ص1218، حديث:7471) (2) مسجدون نهرايو ۽ انهن کي محفوظ بڻايو. (مصنف ابن ابی شیبہ، 344/1، حدیث:9)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جتي ”مسجد ڀريو تحريڪ“ آهي اتي ”مسجد ٺاهيو تحريڪ“ به آهي، دعوت اسلامي جي ”مَجلِس خُدّامُ المساجِد“ مسجدن جي تعمير، آبادڪاري ۽ مسجد جي عملي (Staff) جي پگهارن (Salaries) جي انتظامن وغيره جي لاءِ ڪوشش ۾ مصروف آهي،

اَلحَمدُ لله! 2017ء ۾ پاڪستان ۾ 723 مسجدون تعمير ڪيون ويون جڏهن ته هلندڙ سال 2018ء ۾ ان شاء الله 1200 مسجدون نهرائڻ جو هَدَف آهي تنهن مان591 مسجدن جو تعميراتي ڪم هلندڙ آهي جڏهن ته مسجدون نهرائڻ جي لاءِ 547 پلاٽس (Plots) حاصل ڪيا ويا آهن،

کر مسجدیں آباد تری قبر ہو آباد فردوس عطا کرکے خدا تجھ کو کرے شاد

پنهنجي آخرت موچاري ڪرڻ جي لاءِ توهان به مسجدن جي تعمير ۾ حصّو وٺو. مجلِس خُدامُ المَساجد (دعوتِ اسلامي) سان رابطي جي لاءِ موبائل فون نمبر:03130143472. واٽس ايپ: Email:masajid@dawateaslami.net.03463622219

(ماہنامہ فیضانِ مدینہ جمادی الاخری 1439)

## وُضو خاني جا مدني گل

۞ وضوءَ کان پھريان بِسمِ اللّٰه پڙهڻ سنت آهي. (بہارِ شریعت، 293/1) اَڄُڪلھ عام طور اٽيچ باٿ (Attach Bath) ٺھرايا ويندا آهن، ان صورت ۾ جيڪڏهن اِستِنجاء کان فارغ ٿي ٻاهر نڪرڻ بغير اُتي ئي ويھي وضو ڪرڻو هجي تہ وضوءَ جون دعائون وغيره نٿا پڙهي سگھون. ۞ استنجاء کان فارغ ٿيڻ بعد جيڪڏهن وضو ڪرڻو هجي تہ اِستِنجاء خاني مان ٻاهر نڪري اچو، استنجا خاني مان ٻاهر نڪرڻ جي دعا پڙهو، هاڻي وضوءَ کان پھريان جون دعائون پڙهي ڪري اندر داخل ٿيو ۽ وضو ڪيو.۞ W.C يا ڪموڊ (Commode) کي سلائيڊنگ دروازو (Sliding Door) لڳائي ڪري الڳ ڪيو وڃي، صرف پردا وغيره لڳائڻ سان ڪم نہ هلندو. هن صورت ۾ استنجاء کان فارغ ٿي سلائيڊنگ دروازو بند ڪري وضو ڪرڻ وقت دعائون وغيره پڙهي سگھو ٿا. ۞ ان جي لاءِ وڏو غسل خانو (Wash Room) هئڻ ضروري ناهي بلڪ ننڍي غسل خاني ۾ بہ سلائيڊنگ دروازو لڳائي ڪري پارٽيشن (Partition) ڪري سگھجي ٿو.۞ منھنجي گھر جو غسل خانو بہ ننڍو آهي پر ان ۾ انھيءَ انداز ۾ پارٽيشن ڪري ترڪيب ٺاھيل آهي، فيضانِ مدينہ جي مڪتب ۾ بہ وضو خانو ٺھيل آهي.۞ افسوس جي ڳالھ آهي تہ گھرن ۾ سڄي دنيا جون سھولتون (Facilities) مُھيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي پر هڪ ٽونٽيءَ جو وضو خانو ناهي ٺھرايو ويندو.

(بتغير قليل) (ماہنامہ فیضانِ مدینہ جمادی الاولیٰ 1438)

## نماز جا ڪجھ ضروري مسائل

حديث شريف ۾ آهي: جيڪو شخص رڪوع ۽ سجود پورا ناهي ڪندو نماز ان کي چوندي آهي: "اللّٰه توکي هلاڪ ڪري جهڙيءَ طرح تو مون کي ضايع ڪيو، پوءِ ان نماز کي پراڻي ڪپڙي جِيان ويڙهي ڪري نمازيءَ جي منهن تي هنيو ويندو آهي.(شعب الايمان، 144/3، حديث:3140 ملتقطا) هڪ روايت ۾ آهي: بدترين چور اهو آهي جيڪو نماز ۾ چوري ڪري. عرض ڪيو ويو: نماز جو چور ڪير آهي؟ فرمايائون: اهو جيڪو رُڪوع ۽ سجود پورا نہ ڪري. (مسند احمد، 386/8، حديث:22705) اڄڪلھ نماز ۾ ڪيون ويندڙ عام غلطين ( Common Mistakes) ۾ ڪجھ غلطين کي مدِ نظر رکندي ڪجھ مدني گُل خدمت ۾ پيش آهن:

۞ رڪوع ۾ جهڪڻ جي گهٽ ۾ گهٽ حد هي آهي هٿ وڌائي تہ گوڏن تائين پهچي وڃن جڏهن تہ پورو رڪوع اِهو آهي تہ پُٺي سڌي وڃائي. (بهار شريعت،حصہ3، 513/1مفهوماً) ۞ رڪوع جي لاءِ جهڪڻ نماز ۾ فرض آهي ۽ اتي ڪجھ بيهڻ يعني اطمينان سان رڪوع ڪرڻ واجب آهي. (مرآة المناجيح، 75/2) ۞ ڪنهن نرم شيءِ مثلاً گاهہ، ڪپهہ، قالين، وغيره تي سجدو ڪرڻ جي صورت ۾ پيشاني ۽ نڪَ جي هڏي کي ايترو دٻائڻ ضروري آهي جو هاڻي دٻائڻ سان وڌيڪ نہ دٻجي. جيڪڏهن پيشاني ايتري نہ دٻجي تہ نماز ئي نہ ٿيندي جڏهن تہ نڪ جي هڏي ايتري نہ دٻجي تہ نماز مڪروهِ تحريمي ٿيندي ۽ نماز کي موٽائڻ واجب ٿي ويندو. (عالمگيری، 70/1) ۞ سجدي ۾ پيرَ جي هڪ آڱر جو پيٽ زمين تي لڳڻ فرض آهي ۽ هر پيرَ جون اڪثر آڱرين جو پيٽ زمين تي لڳڻ واجب آهي. (فتاویٰ رضويہ، 253/3ملخصاً) ۞ رڪوع کان بعد

سڌو بيهڻ ۽ ٻن سجدن جي درميان سڌو ويهڻ واجب آهي ۽ ان دوران گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو سُبحان الله چوڻ جي مقدار بيهڻ بہ واجب آهي. (بہار شریعت، 518/1 ملخصاً ،نماز کے احکام، ص218) ۞ هڪ رڪن ۾ ٽي ڀيرا کنهڻ سان نماز ٽُٽي پوندي، يعني هڪ ڀيرو کنهي ڪري هٿ هٽايو پوءِ ٻيو ڀيرو کنهي ڪري هٿ هٽايو تہ هاڻي ٽيون ڀيرو جيئن ئي کنهدو نماز ٽُٽي ويندي ۽ جيڪڏهن هڪ ئي ڀيري ۾ هٿ رکي ڪري ڪجهہ ڀيرا حرڪت ڏني تہ هڪ ئي ڀيرو کنهڻ مڃيو ويندو. (بہار شریعت،614/1، حصہ: 3ملخصاً) ۞ امام کان ڦريان مقتديءَ جو رڪوع ۽ سجدن وغيره ۾ هليو وڃڻ يا ان کان ڦريان مٿو کڻڻ (مڪروهِ تحريمي آهي) (بہارِ شریعت، 626/1، حصہ: 3) نماز ۾ چهرو ڦيري هيڏي هوڏي ڏسڻ مڪروهِ تحريمي آهي. جڏهن تہ بغير چهرو ڦيري بنا حاجت جي هيڏي هوڏي ڏسڻ مڪروهِ تنزيهي آهي. (بہار شریعت،626/1، حصہ: 3 ملخصاً) (نماز جا مسائل تفصيل سان سکڻ جي لاءِ بهارِ شريعت حصو 3 ۾ ”نماز جا احڪام“ جو مطالعو فرمايو) (ماہنامہ فیضان مدینہ ،شعبان المعظم 1439)

## مُعْتَڪِفين وغيرُه لاءِ مسجد جي آدابن جي مُتعلق اهم مدني گُلَ

۞ مسجد کي هر قسم جي بدبو کان بچايو ۞ مسجد ۾ ڪنهن قِسم جو گند (ڪچرو) وغيره هرگز نہ اڇلايو بلڪ ٿي سگهي تہ مسجد ۾ نظر ايندڙ ڪک ۽ وارن جي گُڇا وغيره کڻي ڪري وڃڻ جي لاءِ پنهنجي کيسي ۾ هڪ ٿيلهي يا (ننڍو لفافو) رکي ڇڏيو ۞ فرمان مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو مسجد مان تڪليف واري شيءِ ڪڍي الله پاڪ جنت ۾ ان جي لاءِ هڪ گهر ٺائيندو. (ابن ماجہ، 419/1، حديث:757) ۞ پنهنجي پگهر ۽ وات جي ڳِگَ وغيره جي آلودگي

ڪان مسجد جي فرش، فراسي يا ڪارپيٽ کي بچائڻ جي لاءِ مُعتَڪِف صرف پنهنجي ذاتي چادر يا ٽُڪَ تي سُمهي۞ وضو خانو فنائي مسجد ۾ هئڻ جي صورت ۾ تيل ڦٽي اُتي ڪيو ۽ جيڪي وار وغيره ڇڻن انهن کي ڪٽي ونو۞ ڪاڏو فنائي مسجد ۾ اهو به دسترخوان وغيره وڇائي ڪري ان تي ڪائو، نماز جي فراسيءَ تي هرگز نه ڪائو۞ دوران اعتڪاف مسجد ۾ ضرورت هئڻ جي صورت ۾ دنياوي گفتگو ڪرڻ جي اجازت آهي، پر ان ۾ به ضروري آهي ته ڪنهن نمازي يا سمهڻ واري کي پريشاني نه ٿئي، بنا ضرورت جي دنياوي ڳالھ ٻولھ جي اجازت ناهي ۞ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”ماڻهن تي هڪ زمانو اهڙو ايندو جو مسجدن ۾ دنياوي ڳالهيون ٿينديون، توهان انهن سان هرگز نه ويهو ڇو جو الله پاڪ کي اهڙن ماڻهن جي ڪا حاجت ناهي.“ (شعب الايمان ، 86/3، حديث:2962) ۞ مسجد ۾ سڪون سان، خاموش ۽ سنجيده رهو، نه پاڻ کِلو نه ٻين کي کلايو، ها! ضرورت هئڻ جي صورت ۾ مُسڪرائڻ ۾ حرج ناهي. ۞ مسجد جي ڀِت، فرش، فراسي ٽُڪَ جي مٿان يا هيٺيان ٿُڪڻ، نڪ سُڻڪڻ، نَڪَ يا ڪن مان ميراڻ ڪڍي ڪري هٽڻ وغيره ڪان بچو. ۞وضوءَ وارن عضون مان وضوءَ جي پاڻيءَ جا قطرا مسجد جي فرش تي ڪيرائڻ ناجائز ۽ گناھ آهي۞ مسجد ۾ ڀڄڻ يا زور سان قدم رکڻ جنهن سان آواز پيدا ٿئي منع آهي. مسجد ۾ نِڇَ، کنگھ، ڏَڪار، ۽ اوٻاسي وغيره جي آواز کي جيترو ٿي سگهي روڪيو۞ مسجد جي فرش تي ڪابه شيءِ مثلاً: ٽوپي، چادر، ڪاني، ڇَتِي، پکو وغيره هوريان رکو، اُڇلڻ ڪان بچو۞ قبلي جي طرف پيرَ ڊِگهيڙڻ هر جڳھ تي منع آهي، مسجد ۾ ڪنهن به پاسي نه ڊِگهيڙي ان ڪري جو دربارِ اِلاهي جي

آداب جي خلاف آهي ۞ ٻُک کان گهٽ کائڻ جي عادت ٻڌايو پيٽ پري ڪري کائڻ سان ڪڏهن ڪڏهن واتَ مان ڌپَ اچڻ جو مرض ٿي ويندو آهي ۽ واتَ مان ڌپَ اچي ته مسجد ۾ وڃڻ حرام آهي ۞ ڪچي موري، ڪچو بصر، ڪچي ٿومَ ۽ هر اُها شيءِ جنهن جي بُوءِ ناپسند هجي کائڻ کان بچو ۞ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن بصر، ٿومَ يا گِندَنا (ٿومَ جهڙي ترڪاري) کاڌي اهو اسان جي مسجد جي ويجهو هرگز نہ اچي. (ابو داؤد، 506/3، حديث:3827) ۞ موبائل فون جو استعمال صرف ۽ صرف ضرورت هئڻ جي صورت ۾ ڪيو ۞ عام طور بغير اعتڪاف وارو جڏهن ته خاص طور اعتڪاف وارو سوشل ميڊيا جي استعمال کان بچي ۞ مسجد ۾ نا سمجھ ٻارن کي نہ آڻيو.

کرم از پئے مصطفٰے میرے رب ہو مجھے مسجدوں کا میسّر ادب ہو

(ماخوذ از فيضانِ رمضان، ص228تا 250) (ماہنامہ فيضانِ مدينہ رمضان المبارک 1439)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ **”مدني انعامات“** تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **”مدني قافلن“** ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net